# الف

**اَپرو** بيمار، ضعيف، ڪمزور.
1- بَس يارَ! بيماريءَ اَپرو ڪري ڇڏيو آهي.
2- بَس پيارا! ڪيئي ڳالهيُون آهن، جو اَپرو ٿي ويو آهيان.

**اَپرو** مسڪينُ، غريبُ،
1- ادا! ڪهڙو بہ آهيان، پَرَ اوهان جو اَپرو ٻاءُ تہ آهيان.
2- سائين اَپرو ضرور آهيان، پَرَ بي ضمير ناهيان.

**اَپِري** ضعيفُ، ڪمزورِ، هيٺي، لَتَلَ.
1- اَڌَر، نـــڌَرَ، اَپـــرِي، اوڳي اوائِي. (شـــاهـــ)
2- اَڌَرِ، نـــڌِر، اَپِري، گمَنِ گُســـاتِي. (شـــاهـــ)

**اَپِري** مسڪينِ، غريبِ، محتاج.
اَدي آئون بہ اوهان جي اَپِري ڀيڻُ آهيان، مِڙئي پارَت هجيوَ.
چوڻي: اَپِري ڪي مڇر گهڻو. 2- اَپِري سِوِيرَئي پَلاڻي.

**اُتَرُ** طرفُ، پاسو.
1- اُتَر اوتُون ڏي، نـــ مـــون سَوَڙِ، نـــ گبَرو. (شـــاهـــ)
2- اُتَرُ ڏِنـــي اوتَ، نـــ مـــون سَوَڙ نـــ گبـــرو. (شـــاهـــ)

**اُتَرُ** اصل رقم کان وڌيڪ پئسا.
1- هزار رپيا اُتَرُ ڏيندين، تہ پَوءِ هِي ڍڳو تنهنجو آهي.
2- بہ هزار رپيا اُتَرُ ڏئي، هيءَ مينهن ورتي اٿم.

**اُتَرُ** اصلي تور کان وڌيڪ ساهميءَ جي پڙ ۾ سامان وجهي ڏيڻ.
1- سيٺ صاحب! ڪجهہ اُترُ تہ ڏي.
2- توريندي تورو گهٽو وڌيڪ سامان اُتر ڏيڻ کپي.

**اُتَرَ** طرفَ، پاسي.
1- اڄ پِڻ اُتـرَ پـارَ ڏي، تـاڙي ڪـئـي تـنـوارَ. (شـاهـ)

# ھ

هَٿُ
انساني عضوو. جنهن سان ڪم ڪارَ ڪائبو پئبو آهي.
(هَٿُ)
1- پاٻوهيو پُڇَنِ، ڪٿي هَٿُ حبيبَ جو؟
2- پُڇو پير پري، ته ڪِ ٺَرئو هَٿُ حبيبَ جو؟
3- هادي! هَٿُ ڏري، اُونهي مان اُڪاريين.
چوڻي: هَٿُ هَٿُ ڪندؤ، ته ڇپَرُ ڪڇي پوندو.

هَٿَ
سهارو.
1- مون تان لاهِ مَ هَٿَ، ڪامل ڏِٺي ڪاڪ جا! (شاهه)

هَٽَ
گهٽيل.
هٽ جون پيو هٽي، اعتبار نہ ڪرينس.

هيرَ
هينئر يا هاڻ يا هاڻي.
1- هنئڙي سڄڻ ساريا، ڪٿي هُوندم هيرَ. (شاهه)
2- هي جي آيا هيرَ، مون اَڳُ نہ ڏٺا ڪڏهين. (شاهه)
3- ناه جَمعيت جانِ ڪي، هوت پُڇاڻا هيرَ. (شاهه)
4- اولي! ڳوڻي آڻيين، ڪو هُتي جو هت هيرَ. (شاهه)
5- مگ وهاڻيءَ مگڻا! مَتو هير مَوجُودُ. (شاهه)

هيرَ
عادَتَ.
1- ماءِ! مَنهنجي ڪَرهي، تازي ڦُلَنِ هيرَ. (شاهه)
2- آئيون اِڱئين هيرَ. اَصلَ سندي آسري. (شاهه)
3- ان در سندي مڱڻي، اڳي ايئن نہ هيرَ. (شاه ڪريم)
چوڻي: هيرائي سندي هيرَ، تنگَ پڳي نہ لَهي.

هَٺَ
وڏائي يا تڪبر يا غرور.
1- هَٺُ نہ ڪجي هيترو، هٺَ وڃايا ويرَ.